SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2005

# SINDH ORDINANCE NO. III OF 2005

# سنڌ واٽر مينجمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH WATER MANAGMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XL جي دفعه 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Ordinance of XL of 2002

3. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XL جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Ordinance of XL of 2002

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2005

# SINDH ORDINANCE NO. III OF 2005

# سنڌ واٽر مينجمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH WATER MANAGMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

[8 اپريل، 2005]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ واٽر مينجمينٽ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ واٽر مينجمينٽ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ واٽر مينجمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 2005 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ واٽر مينجمينٽ آرڊيننس، 2002 ۾، جنهن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، جي دفعه 5 ۾.-<br>i. ذيلي دفعه (1) ۾، شق ۾، ذيلي شق الف جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-<br>"a. آبپاشي ۽ بجلي واري وزير يا حڪومت پاران مقرر ڪيل ڪو به شخص........... چيئرمين؛"<br>۽؛<br>ii. ذيلي دفعه (8) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-<br>"(8) چيئرمين، آفيشو چيئرمين يا ميمبر کان علاوه ڪو به سياسي عهدو نٿو رکي سگهي ۽ جيڪڏهن چيئرمين آفيشو يا ميمبر کان علاوه ڪو به چونڊيل چيئرمين ، نامزد يا ڪنهن به سياسي آفيس ۾ مقرر هجي ته اهو چيئرمين يا ميمبر نٿو بڻجي سگهي يا هڪ رڪن فوري اثر سان گڏ. | 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبرXL جي دفعه 5 جي ترميم<br>Amendment of section 5 of Sindh Ordinance of XL of 2002 |
| 3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعه 8 جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-<br>"8.(1) چيئرمين ۽ ميمبر ايس آءِ ڊي اي جي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي خدمتون سرانجام ڏيندا جيڪي تجويز | 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبرXL جي دفعه 8 جي ترميم |

| | |
|---|---|
| ڪيا ويندا. | Amendment of section 8 of Sindh Ordinance of XL of 2002 |
| (2) اڳوڻي چيئرمين کان علاوه چيئرمين ۽ ايڪسو آفيشو ميمبر کان علاوه ٻيا ميمبر جيستائين استعيفيٰ نٿا ڏين يا پهريان ئي هٽايا وڃن ٿا، تہ پوءِ چار سال جي عرصي جي لاءِ عهدي تي فائز رهندا ۽ ٻي عرصي جي لاءِ ٻيهر مقرري جي قابل هوندا. | |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**